پڦي اڇي ٻلبلا کي ڀاڪر پاتو. ٻلبلا کان اوچنگار نڪري ويئي. سڄي هال ۾ ئي گونگو ڳاريو. خود مينوءَ جي ڪوٺيءَ جو در جهليو بيٺل پوليس آفيسر جي اکين ۾ به ڳوڙها ڀرجي آيا. هن در بند ڪري ڇڏيو.

مينوءَ جي اگني سنسڪار کي ٽي ڏينهن گذري چڪا هئا. مان ۽ وجئه وري وري پاڻکي ڦٽڪارڻ تي لڳاسين ته "ڇو ڇڏي وياسين شنڪر ۽ مينوءَ کي انڊيا ۾." پڦيءَ چيو، "ڏوهه توهانجو ڪونهي. 21، 22 سال عمر تائين ٻار پيا پڙهن، اسانجي زماني ۾ انهيءَ عمر ۾ به ٽي ٻار به ڄمي ويندا هئا." ٻلبلاجن پنجئي آڱريون نرڙ تي رکي چيو، "نصيب نه ته ڇا اڇا سٺيو هوم هن ڇوڪريءَ لاءِ. اهڙي ڌام ڌوم سان شادي ڪرائيندس، سنڌ جا دهلاري ۽ شرنائي گهرائيندس جو ماءُ جي لکئي نه پوندي. پڦيءَ چيو، "دولت! مان جيڪر چوان سچ منيان نه لڳيئي. گهر ۾ جوان ڌيءَ هجي ته نوڪر نه رکڻ کپندو هوءِ؟..."

ٻلبلاجن ڏاڍيءَ بي وسيءَ سان چيو، "ليڪن هيترو ننڍڙو ته لڳو پئي. چار سال اڳ جڏهن نوڪري ۾ رکيومانس!"

"پر عمر ته سترهان ارڙهان سال هئس نه؟ وري پنهنجي گهر ۾ آهي گوشت، ڪباب سو مئو ڪٿي پي مڇي مڙس ٿي پيو هو هيتري ۾."

رات جو وجئه اچي ڳالهه ڪئي ته نوڪر کي ٽن ڏينهن کانپوءِ اسپتال ۾ هوش آيو ۽ وٺي ڇڙهيون هڻي ڦٿڪڻ لڳو. ڊاڪٽر ڪيس چيو ته جيڪو زهر پيتو هو. سو تمام گهٽي وقت جو رکيل هو انڪري توتي گهڻو اثر نه ٿيو. هاڻي اسان تنهنجو سڄو زهر ڪڍي ڇڏيو آهي هاڻي تون خطري کان ٻاهر آهين بس اسپتال کي مٿي تي کڻي ڏنائين، "مونکي ڇو بچايو. مونکي مرڻ ڏيو ها."

پڦيءَ چيو، "سچي ته ڳالهه ٿو مئو ڇوي ههڙي خونيءَ کي بچائڻ مان ڪهڙو فائدو...."

وجئه چيو، "فائدو؟ هن پاڃيءَ کي ته جڏهن ڦاسيءَ جي تختي تي لٽڪندو ڏسندس تڏهن وڃي مونکي شانتي ملندي." شنڪر جون ته منيون پيڙجي ويئون ۽ اکين ۾ رت مڙي آيس. ان مهل اهو نوڪر سامهون هجيس ها ته شايد ٺونشن سان مئي پورو ڪري رکيس ها...

پڦيءَ جي هن ڳالهه تي سڀ ٺهڪ ڏيئي کليا هئاسين. مگر اڄ جڏهن ڪنجهي جهڙي ڪل واري مينو نه رهي آهي ته مونکي اهي يادگيريون تيزاب وانگر پيئون ساڙين. 19 سالن جي نوڪريءَ اسانجي گهر ۾ الاجي ڪهڙيون ڪهڙيون فلمون ڏٺيون هونديون. وڃڻ جي ڳالهه ته، نوڪر اچا جيئرو هو منهنجي دل تانئي نٿي لٿي.

رات جو ڪيڏي دير تائين مونکي ننڊ نه پيئي آئي، اٿي اچيءَ بالڪنيءَ ۾ ويٺيس. گهر جا اٺئي ڪمرا اڄ سنسان پيا هئا. اڳي ته هن مهل تائين هن گهر ۾ ڏينهن هوندو هو. اٺئي ڪمرا جهاڙن ۽ بلبن جي روشنيءَ سان، دوستن ۽ ساهيڙين جي ناچ ٽاپ ۽ انگريزي ڌنن سان پيا وڄندا هئا، اچا تمبلباجن پر وارو هڪبيوءَ فليٽ خريد ڪرڻ لاءِ رقم ادا ڪري ڇڏي هئي... پاڙي وارا اسانکي پاڳيشالي سمجهندا هئا... مگر مينوءَ جي خون ٿي وڃڻ تي ته ڪاري چادر وڇائجي ويئي هئي هر چيز مٿان. پاڙي وارا هاڻي اسان لاءِ ڇا سوچيندا هوندا، سو ته خدا ڄاڻي، ليڪن مٿن مائٽن ته حد ڪري ڇڏي هئي. جيترا هئا مڪ اوتريون ڳالهيون هيون. وريءَ پڦيءَ جيءَ ڪار سيني ۾ ٻڌي هئي جنهن رڙيون ڪري ڇاتي پٽي پٽي پئي چيو، "منهنجي ڪونجڙيءَ موت قبوليو پر عزت نه وڃائين." هن قسم جون ڳالهيون ڳٽي ڳٽي مان ڏاڍيءَ بيزار ٿي پيئي هئس بالڪنيءَ ۾ ويٺي مونکي تارن پريو آسمانءَ اوترومئي پري ٿي لڳو جيترا هي تيرهن ماڙ هيٺ ڌرتي تي. اوچتو ڪوئي پکي ڇهه ڇهه ڪندو آڪاس ڏي اڏامي ويو.

هيڏيءَ رات گڏوئي مينوءَ وانگر هيءَ ولر کان وڇڙيل پکيءَ جي اڏام! اف هيءُ منهنجو وياڪل من! ڪهڙي آڪاس تي ڳولي پنهنجي ڪونجڙيءَ کي....